Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8

www.dailysindhyar.com

ڪراچي

جلد :12 | خميس 23 نومبر 2023ع بمطابق 08 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:43 | قيمت10 روپيا

اجلاس ۾ اي سي ايل بابت مختلف نوعيت جي ڪيسن جو جائزو ورتو ويو

190 ملين پائونڊ ڪيس: عمران خان، شهزاد اڪبر، ذوالفي بخاري سميت 29 جڻن جا نالا اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش

وفاقي ڪابينہ جي ذيلي ڪميٽي اي سي اي ايل جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي، نگران مواصلات جي وزير شاهد اشرف سميت گهرو وزارت ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي نيب جي سفارش تي 190 ملين پائونڊ اسڪينڊل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين سميت ان جي ٻين 29 ماڻهن کي اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪئي وئي

ڪميٽي شهزاد اڪبر، ذوالفي بخاري، فرح گوگي ۽ پراپرٽي ٽائيڪون جو نالو به اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪئي آهي

ڪميٽي 13 مختلف نوعيت جي ڪيسز کي اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش پڻ ڪئي ۽ عدليہ جي هدايتن تي 7 ماڻهن جا نالا اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي وئي

نظر ثاني لاءِ پيش ڪيل اپيلن مان 3 ماڻهن جا نالا اي سي ايل مان ڪڍڻ جي سفارش پڻ ڪئي وئي ، ڪابينہ جي ذيلي ڪميٽي جي سفارشن کي حتمي منظوري لاءِ نگران وفاقي ڪابينہ ڏانهن اماڻيو ويندو

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينہ جي ذيلي ڪميٽي 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ عمران خان سميت ان جي ٻين 29 ماڻهن جا نالا اي سي ايل جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ نگران گهرو وزير سرفراز بگٽي، نگران مواصلات جي وزير شاهد اشرف سميت گهرو وزارت ۽ ٻين ادارن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. جڏهن ته اجلاس ۾ اي سي ايل بابت مختلف نوعيت جي ڪيسن جو جائزو پڻ ورتو ويو. ڪابينہ جي ذيلي ڪميٽي 41 ماڻهن جا نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي سفارش ڪري چڏي آهي جنهن ۾ نيب جي سفارش تي 190 ملين پائونڈ اسڪينڈل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

جسٽس مظاهر نقوي کي ٻيهر شوڪاز جاري، جڊيشل ڪائونسل 14 ڏينهن ۾ جواب گهري ورتو

سپريم جڊيشل ڪائونسل جو اجلاس چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ ٿيو

اجلاس ۾ سامهون ايندڙ شاهدين جي روشني ۾ جسٽس مظاهر نقوي کي نوٽيس جاري ڪيو ويو: ذريعا

جسٽس مظاهر نقوي 14 ڏينهن اندر سبب ڄاڻايو نوٽيس جو جواب ڏئي : سپريم جڊيشل ڪائونسل شوڪاز جو متن

اسلام آباد (م د) سپريم جڊيشل ڪائونسل سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر نقوي کي ٻيهر شوڪاز نوٽيس جاري ڪري چڏيو. سپريم جڊيشل ڪائونسل جو اجلاس چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي جي عوام لاءِ سوچڻ اسان جي ذميواري آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن شهرين کي پاڻي جي فراهمي بنا ڪنهن رڪاوٽ ۽ منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي

واٽر ڪارپوريشن سياست، مذهب، قوم، ذات پات ۽ نسل جي بنا ڪنهن فرق سموري شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي

واٽر ڪارپوريشن هڪ نئين عزم ۽ نئين سڃاڻپ سان شهرين جي خدمت لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي

ڪراچي: مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي تہ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن شهرين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

نومبر تائين جاري پوليو

مهم سنڌ جي سمورن

شهرن ۽ ضلعن ۾ جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت جي صحت کاتي پاران 30 آڪٽوبر کان 5 نومبر تائين جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آمريڪي سفير جي جيل ۾ عمران خان سان ملاقات: وائٽ هائوس جو بيان سامهون اچي ويو

ڪنهن به سفير جي اهڙي ملاقات بابت ڄاڻڻ جي لاءِ مان تجويز ڪندس تہ اوهان سفارتخاني سان رابطو ڪريو: ميٿيو ملر

آمريڪا پهريان به ڪيترائي ڀيرا ظاهر ڪري چڪو آهي تہ پاڪستان ۾ سياسي عهدي جي لاءِ ڪنهن به هڪ اميدوار جي حمايت نٿا ڪريون

واشنگٽن (م د) اڊيالا جيل ۾ 4 ڏينهن اڳ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سان آمريڪي سفير ورنلڊ بلوم جي ملاقات تي ٻهريون ڀيرو آمريڪي ترجمان ميڊيا جي آڏو حڪومتي موقف رکي چڪيو آهي. عالمي خبرون ڏيندڙ اداري موجب آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل پوليس جي پڪڙ ۾ نہ آيا، هڪ سئو هڪ ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري

شهزاد تاباڻي، سليم سهتو، عمر سومرو، جلال الدين پيو، سحرش ڪوڪر، جهانزيب وسير جي اڳواڻي ۾ احتجاج جاري رهيو

101 ڏينهن ٿي ويا پر سڪر پوليس شهيد جان محمد جي اصل قاتلن کي سوگهو ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ناهي ڪئي : اڳواڻ

بااثر قوتون قاتلن جي سرپرستي پيون ڪن جنهن سبب هو پوليس جي پڪڙ کان بچيل آهن

سڪر (رپورٽر) سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سڪر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جئيصدر امداد بزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 101 ڏينهن به جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پرائي ٽاورز ۽ ٻين هنڌن کي بهتر بڻائڻ واري منصوبي تي ڪم ڪريون پيا: نگران وڏو وزير

علائقي جي خوبصورتي کي قائم رکڻ لاءِ رهائشي ۽ ڪمرشل ٽاورن جي تعمير جي نشاندهي ڪئي پئي وڃي: جسٽس (ر) مقبول باقر

شهر جي اوپر ۽ سينٽرل ضلعن ۾ 240 ايڪڙ زمين تي مارٽن، ڪليٽن ۽ جهانگير ڪوارٽر قائم ڪيا ويا آهن: چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگڻيجو

1958 ۾ راڄڌاني جي منتقلي کانپوءِ وفاقي حڪومت پاران انهن جي صحيح نموني سارسنبال نہ ڪئي وئي : مرتضيٰ وهاب

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي چيو آهي تہ هو پرائي ۽ زبون حال مارٽن، ڪليٽن ۽ جهانگير ڪوارٽرن ۾ رهندڙ ماڻهن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ واري منصوبي تي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي خوبصورت ٺهيل ٽاورن ۾ بهترين رهائش فراهم ڪئي ويندي. هن چيو تہ اسان جو مقصد اربن ريجوينيشن پروجيڪٽ شروع ڪرڻ آهي جنهن جو مقصد پراڻن ڪوارٽرن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ٻي گهر ٺيڻ کان بچائڻ ۽ مارٽن، ڪليٽن ۽ جهانگير ڪوارٽرن جي خالي زمين تي ٽاور تعمير ڪرڻ آهي. هن چيو تہ علائقي جي خوبصورتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سستي پاور پلانٽن جي بجلي به مهانگي ٿيڻ جو امڪان

گدو ڪمپني نيپرا ۾ بجلي جي پيداواري قيمت 14 روپيا 93 پئسا في يونٽ مقرر ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري چڏي

سينٽرل پاور ڪمپني گدو نيپرا ۾ درخواست داخل ڪري چڏي، بجلي اڳهن ۾ واڌ گئس مهانگي ٿيڻ سبب اثر آهي : گدو ڪمپني

بجلي جي پيداواري قيمت 14 روپيا 93 پئسا في يونٽ مقرر ڪئي وڃي

اسلام آباد (م د) گدو ڪمپني نيپرا ۾ بجلي جي پيداواري قيمت 14 روپيا 93 پئسا في يونٽ مقرر ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري چڏي سستي پاور پلانٽن جي بجلي مهانگي ٿيڻ جو امڪان آهي. چوڻ سينٽرل پاور ڪمپني گدو نيپرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ حڪومت پاران اوقاف ڪاتي جي سموري پراپرٽي جي سب ليز تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو

اوقاف ڪاتي جي پراپرٽي جي ريٽ جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي

اوقاف ڪاتي جي پراپرٽي جي سب ليز تي پابندي لڳائي وڃي : عمر سومرو

ڪراچي (م د) سنڌ حڪومت اوقاف ڪاتي جي سموري پراپرٽي جي سب ليز تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري پراپرٽي جي ريٽ جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي. قانون ۽ اوقاف ڪاتي واري وزير عمر سومرو جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

فارماسسٽ الائيڊ سائنسز جا مڪيہ جزو آهن :امجد سراج ميمڻ

شاگردن کي هر ممڪن ڪوشش سان گڏ روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا سين

جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف فارماسيوٽيڪل سائنسز پاران ٻيو ساليانو ڪيريئر فيئر منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ مختلف فارماسيوٽيڪل انڊسٽريز، هاسپيٽل فارميسيز ۽ ڪميونٽي فارميسيز شرڪت ڪئي

ڪراچي: وائيس چانسلر پروفيسر امجد سراج ميمڻ آفيس ۾ ويٺل آهي

ڪراچي (رپورٽر) جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف فارماسيوٽيڪل سائنسز (IPS_JSMU) پاران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسان پنهنجي ايندڙ منصوبن ۾ وڌيڪ

پاڪستانين کي ملازمتون فراهم ڪرڻ لاءِ

ڪوشش ۾ آهيون؛ صباح المطلق

اسلام آباد (م د) سعودي عرب مان پاڪستاني ملازمن لاءِ سلي خير سامهون اچي وئي. سعودي عرب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

حج جي رقم وڌيڪ گهٽ ڪنداسين : مذهبي معاملن بابت وزير انيڪ احمد

حج پاليسيءَ جي سهولت ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي، حاجي ڪئمپ جي عمارت گهٽي پرائي ٿي وئي آهي

حج جا خرچ هڪ لک رپين تائين گهٽ ڪيا ويا آهن ۽ وڌيڪ گهٽتائي جي ڪوشش ۾ آهيون

ڪراچي (م د) مذهبي معاملن بابت وزير انيق احمد ايندڙ سال حج جي خواهشمند ماڻهن کي رڌي خوشخبري ٻڌائيندي چيو آهي تہ حج جي رقم وڌيڪ گهٽ ڪنداسين. انيق احمد حاجي ڪئمپ جو دورو ڪيو. ان موقعي تي هن چيو تہ حج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

آصف پٽو چترال مان چونڊ وڙهي تہ مان آصف ڪان پڇندس، ڪيس راضي ڪندس تہ هوءَ چترال واري سيٽ تان چونڊ وڙهي : پ پ چيئرمين

پي ٽي آءِ تڪ تاڪ ۽ نواز شريف حڪومت اشرافيہ جي هئي: بلاول

پي ڊي ايم حڪومت ۾ انڪري ڪامياب نہ ٿياسين جو اسان جا اتحادي خدمت ڪرڻ بدران پنهنجي ذاتي دشمنيون پاڙي رهيا هئا

مهانگائي پوري ملڪ ۾ آهي پر سمورن مسئلن جو حل پ پ جي منشور ۾ آهي، پ پ جي هر دور ماڻهن کي روزگار مليو

بينظير ڀٽو جي اڻپوري مشن کي مڪمل ڪرڻ چاهيان ٿو، بينظير آمرن سان مهاڏو اٽڪايو، عوام سائس گڏ هيو، جڏهن ملڪ جي صورتحال ڏسندو آهيان ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي

نواز شريف کي جڏهن پهريون ڀيرو وڏو وزير بڻايو ويو تہ سندس عمر ڪيتري هئي؟ جڏهن بينظير ڀٽو پهريون ڀيرو وزيراعظم بڻي تہ سندس عمر ڇا هئي؟ پاڪستان جي 70 سيڪڙو آبادي نوجوانن تي ٻڌل آهي

پراڻا سياستدان ڪيترو ڪم ڪري سگهندا؟ پراڻا سياستدان مستقبل بابت ناهن سوچيندا، نواز شريف جي حڪومت اشرافيہ جي حڪومت هوندي آهي : چترال ۾ جلسي کي خطاب

چترال (م د) پ پ چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي تہ هو پي ڊي ايم حڪومت ۾ انڪري ڪامياب نہ ٿياسين جو اسان جا اتحادي خدمت ڪرڻ بدران پنهنجي ذاتي دشمنيون پاڙي رهيا هئا. چترال ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ مهانگائي پوري ملڪ ۾ آهي پر سمورن مسئلن جو حل پ پ جي منشور ۾ آهي، پ پ جي هر دور ماڻهن کي روزگار مليو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چترال : پ پ چيئرمين ۽ اڳوڻو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي حملي ۾ 2 اهلڪار شهيد

اتر وزيرستان جي علائقي رزمڪ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي وفد تي حملو ٿيو ۽ ڏماڪيدار مواد ڦاٽڻ سان ٻہ اهلڪار شهيد ٿي ويا

ڏماڪي ۾ 33 ورهين جي لانس نائيڪ احسان بادشاهہ ۽ ڪرم ضلعي سان واسطو رکندڙ 30 ورهين جي لانس نائيڪ ساجد حسين شهادت ماڻي

سيڪيورٽي فورسز علائقي ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي صورت ۾ انهن جي خاتمي لاءِ ڪارروائي ڪري رهي آهي: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي: ڏماڪي سبب شهادت ماڻيندڙ لانس نائيڪ احسان بادشاهہ ۽ لانس نائيڪ ساجد حسين

راولپنڊي (م د) خيبر پختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان ۾ ڏماڪي سان سيڪيورٽي فورسز جا 2 اهلڪار شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب اتر وزيرستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

رپيو مضبوط ۽

ڊالر ڪمزور ٿيڻ

جو سلسلو جاري

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ رپئي جي پيٽ ۾ ڊالر جو قدر گهٽجڻ جو سلسلو جاري آهي. اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

گرٿيا بلوچ شاگرد بازياب نہ ٿيڻ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نگران وزيراعظم کي طلب ڪري ورتو

ٻڌڻي دوران عدالت وزيرن جي قائم ڪيل ڪميٽي جي رپورٽ تي بي اعتمادي جو اظهار ڪيو

ايڊيشنل اٽارني جنرل منور اقبال دوگل کي عدالت طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م د) بلوچ شاگردن جي جبري گمشدگي بابت ڪميشن جي سفارشن تي عمل جي ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نگران وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ جي اڳوڻي صوبائي وزير شوڪت يوسفزئي کي ايف آءِ اي ڊيٽي وڃڻ کان روڪي چڏيو

رفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) شوڪت يوسفزئي کي پشاور ايئرپورٽ تان گرفتار ڪري ورتو

پي ٽي آءِ اڳواڻ کان پڇاڳاڇا جو عمل جاري آهي : ذريعا

پشاور (م د) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي صوبائي وزير شوڪت يوسفزئي کي ڊيٽي وڃڻ کان ايف آءِ اي روڪي چڏيو آهي. ذريعن موجب وفاقي جاچ اداري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ڪوپرڊيڊي ان خوش فهمي ۾ نہ رهي تہ واپس وڃڻ کان بچي ويندو: جان اچڪزئي

غير قانوني پرڏيهين خلاف ڪريڪ ڊائون جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويو آهي

جنوري جي آخر تائين 10 لک غير قانوني پرڏيهين کي واپس موڪلڻ جي ڪوشش آهي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي اطلاعات واري نگران وزير جان اچڪزئي چيو آهي تہ جيڪي پرڏيهي سمجهن ٿا اهي پنهنجي وطن وڃڻ کان بچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ سوين رپيا واڌ

ملڪ ۾ في تولو سون 900 رپيا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 2 لک 16 هزار 500 رپين جو ٿي ويو

عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون 11 ڊالر واڌ کانپوءِ 2002 ڊالرز جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي اڳهن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ في تولو سون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڀارت ۾ اقليتن مٿان ظلم جو ذميوار مودي آهي: اورنڌتي راءِ

بي جي پي سرڪار انساني جانين جي تحفظ بدران هرندي تي تيل جو ڪم ڪيو

مني پور ۽ هريانا ۾ اقليتن تي ظلمن تي مودي سرڪار جي مجرمائي خاموشي اختيار ڪئي

نئين دهلي (م د) انساني حقن جي متحرڪ ڪارڪن ۽ ليکاري اورنڌتي راءِ هڪ پيرو وري مني پور واقعن تي مودي سرڪار کي چٽي تنقيد جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نئين چيئرمين ايس جوائنٽ سيڪرٽري اطلاعات ۽ نشريات وزارت جي تبديلي بعد ٽيلي ڪاڻ سيڪرٽري اطلاعات ۽ نشريات محترمہ نجوا شاهد کي سيڪرٽري جي عهدي جو چارج سنڀالڻ تي گلدستو پيش ڪري رهيا آهي

ڪراچي: يونيورسٽي هاسٽل مان شهدادڪوٽ واسي شاگرد جو لاش هٿ

همدرد يونيورسٽي جي هاسٽل مان ملندڙ لاش به ڪان ٿي ڏينهن پراڻو آهي : پوليس

شاگرد جي سڃاڻپ امن ڪمار جي نالي سان ٿي ۽ هو بي ايس سي ٿرڊ ايئر ۾ پڙهي رهيو هو

ڪراچي (م د) ناردرن بائي پاس پرسان يونيورسٽي جي هاسٽل مان شاگرد جو لاش هٿ آيو آهي. پوليس موجب همدرد يونيورسٽي جي هاسٽل مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ملڪ مان غير قانوني افغانين جي واپسي جو سلسلو جاري

هيل تائين ٻہ لک 43 هزار 165 غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي واپسي ٿي چڪي

21 نومبر تي وڌيڪ ٻہ هزار 990 غير قانوني افغانين کي واپس موڪليو ويو

اسلام آباد (م د) ملڪ مان غير قانوني افغانين جي واپسي جو سلسلو جاري آهي ۽ هيل تائين ٻہ لک 43 هزار 165 غير قانوني طور رهندڙ افغانين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

دنيا جي 100 بااثر عورتن جي فهرست جاري، ٻہ پاڪستاني به شامل

عورتن ۾ پاڪستان جي افروز نما ۽ نيها منڪاڻي کي شامل ڪيو ويو

فهرست ۾ آمريڪا جي اڳوڻي خاتون اول مشعل اوباما ۽ انساني حقن جي وڪيل ايمل ڪلوني پڻ شامل

ڪراچي (م د) بي بي سي دنيا جي سئو بااثر ۽ متاثر ڪندڙ عورتن جي فهرست جاري ڪري چڏي جنهن ۾ ٻن پاڪستاني عورتن کي ٻہ شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ عورت غيرت جي نالي تي قبرستان وٺي وڃي قتل

مقتولا جي سڃاڻپ 35 ورهين جي نصيب تاج زال عبدالرحمان جي نالي سان ٿي

واقعو غيرت جي نالي تي قتل جو آهي، عورت کي سندس مڙس ۽ نائي ماريو

ڪراچي (م د) ڪراچي جي علائقي قصبہ ڪالوني جي قبرستان مان عورت جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پي ٽي آءِ جي اڳواڻ ڪان پي سي بي جي ڪيس ۾ پارليامينٽ حملي جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج عبدالغفور ڪاڪڙ اسد عمر جي خلاف پي ٽي وي ۽ پارليامينٽ حملي جي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

ڪيس ۾ اسد عمر جي گرفتاري جي ضرورت نہ آهي: ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر جو بيان

اسلام آباد (م د) پي ٽي وي، پارليامينٽ حملي جي ڪيس خلاف ڪيس واپس وٺڻ جو بيان ڏنو ۽ چيو تہ هن ڪيس ۾ اسد عمر جي گرفتاري جي ضرورت نہ آهي. عدالت ۾ پوليس جاچ آفيسر عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر اڳوڻي وزير جي خلاف ڪيس واپس وٺڻ جو بيان ڏنو ۽ چيو تہ هن ڪيس ۾ اسد عمر جي گرفتاري جي ضرورت نہ آهي. عدالت ۾ پوليس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪي ايم سي جي غير فعال فوڊ ليب سنڌ فوڊ اٿارٽي جي حوالي

ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ۽ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ان حوالي سان مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ڪنڌ

آغا فخر حسين ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. هن اجلاس ۾ ڪي ايم سي جي غير فعال فوڊ ليب کي سنڌ فوڊ اٿارٽي حوالي ڪرڻ بابت خيال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ٽيپ بال ڪرڪيٽ اسٽريٽ بوائز کي اسٽار بوائز بڻائڻ لاءِ هڪ قدم آهي : گورنر سنڌ

ٽيبل بال ڪرڪيٽ ڪراچي جو چهرو آهي، گرائونڊ نہ هجڻ سبب نوجوان روڊن ۽ رستن تي کيڏڻ تي مجبور آهن : ڪامران ٽيسوري

مون کي اميد آهي تہ ڪراچي ٽيپ بال پريميئر ليگ نئين ٽيلينٽ کي سامهون آڻڻ لاءِ اهم ثابت ٿيندي

ڪراچي ۾ نوجوان ٽيپ بال کيڏڻ سان ئي اڳتي وڌندا آهن. هن چيو تہ سمورن مشهور ڪرڪيٽرن ٽيپ بال سان ڪرڪيٽ ضرور کيڏي هوندي

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي تہ ٽيپ بال ڪرڪيٽ اسٽريٽ بوائز کي اسٽار بوائز بڻائڻ لاءِ هڪ قدم آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ايس ايچ او شهدادپور جي پوليس

وردي پاتل تڪ تاڪر عورت سان

ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ٿاني جي ايس ايچ او ديدار سولنگي جي پوليس وردي پاتل تڪ تاڪر عورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڏو ايل پي جي ڪارگو جهاز ڪراچي پهچي ويو

پهريون ڀيرو ايل پي جي ڪارگو جهاز 11 هزار ميٽرڪ ٽن ايل پي جي ڪٽي آيو

ڪارگو جهاز ذريعي عراق جي شهر بصره کان 11 هزار ميٽرڪ ٽن ايل پي جي آندي وئي

ڪراچي (م د) پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ايل پي جي ڪارگو جهاز ڪراچي پهچي ويو. ڪارگو عراق جي شهر بصره کان 11 هزار ميٽرڪ ٽن ايل پي جي ڪٽي آيو آهي. پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ايل پي جي ڪارگو ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

محترمہ فريال ٽالپر پاران پاڪستاني اسڪول ٽيچر سسٽر زيف کي گلوبل ٽيچر پرائز کٽڻ تي واڌايون

سسٽر زيف جو گلوبل ٽيچر پرائيز 2023 کٽڻ پاڪستان لاءِ وڏو اعزاز آهي: فريال ٽالپر

سسٽر زيف پاڪستان جي پٺتي پيل علائقن ۾ ٻارڙن کي تعليم جي فراهمي آسان بڻائڻ لاءِ جوڳيون ڪوششون ورتيون، جيڪي ساراهہ جوڳيون آهن

زيف کي گلوبل ٽيچر پرائز ڏنو پيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر ۽ اڳوڻي ايم اين اي فريال ٽالپر سڄي دنيا ۾ پارڙن جي حقن ۽ پلاڻي لاءِ ڪم ڪندڙ گڊيل قومن جي اداري يونيسڪو پاران پاڪستان جي ٽيچر سسٽر زيف کي "گلوبل ٽيچر پرائيز 2023" ملڻ تي خوشي ۽ جو اظهار ڪندي سسٽر زيف کي دل جي گهرائين سان مبارڪون ڏيون آهن. هڪ پيغام ۾ اڳوڻي ايم اين اي فريال ٽالپر سسٽر زيف کي گلوبل ٽيچر پرائز 2023 کٽڻ پاڪستاني عوام خاص طور تي عورتن جي ڪاميابي قرار ڏنو ۽ چيو تہ سسٽر زيف پاڪستان جي پٺتي پيل علائقن ۾ ٻارڙن کي تعليم جي فراهمي آسان بڻائڻ لاءِ جوڳيون ڪوششون ورتيون. جيڪي ساراهہ جوڳيون آهن. ياد رهي تہ يونيسڪو هيڊ ڪوارٽر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ يرغمالين جي آزادي تي معاهدو ٿي ويو، جنگ ۾ وقفي تي اتفاق

غزہ ۾ انساني بنيادن تي جنگ ۾ وقفو ڪيو ويندو. جنگ ۾ وقفي جي شروعات 24 ڪلاڪن اندر ٿيندي : قطر جي پرڏيهي وزارت

معاهدي جي تحت ڪيترن ئي فلسطيني ۽ اسرائيلي قيدين کي آزاد ڪيو ويندو، جنهن ڏينهن جي جنگبندي معاهدي تحت فلسطيني ۽ اسرائيلي قيدين جي ڏي وٺ ٿيندي.

معاهدي جي تحت حماس پنهنجي پهرين مرحلي ۾ تقريبن 50 اسرائيلي عورتن ۽ ٻارن کي آزاد ڪندو

قطر (م د) قطر اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ جنگبندي ۽ عارضي وقفي جو اعلان ڪندي پڌرائي جاري ڪري چڏي آهي. قطر جي پرڏيهي وزارت اعلان ڪيو آهي تہ غزہ ۾ انساني بنيادن تي جنگ ۾ وقفو ڪيو ويندو. جنگ ۾ وقفي جي شروعات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جو اجلاس

ضلعي جي سرڪاري ۽ سماجي ڀلائي جي تنظيمن جي رابطي لاءِ ضلع سطح تي ڊيش بورڊ تيار ڪيو ويندو : مئنيجر شوري رحمان

ڪاتن وٽ موجود مشينري ۽ ٻين وسيلن جو جائزو وٺڻ لاءِ لاڳاپيل ڪاتن ۽ غير سرڪاري فلاحي تنظيمن سان رابطو ڪيو ويندو

مشينري جي لسٽ تيار ڪري آفيس ۾ جمع ڪرائي سمورا ادارا ڪميونيڪيشن لاءِ پنهنجا فوڪل پرسن مقرر ڪن : ڊپٽي ڪمشنر

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ ضلعي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي جو اجلاس ٿيو. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي يونائيٽيڊ ٽيشنز ڊولپمينٽ پروگرام (يو اين ڊي پي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دادو ۾ هيومن رائيٽس ڪمشن پاڪستان پاران علامتي بک هڙتال شروع

دادو(ن سنڌيار) هيومن رائيٽس ڪمشن پاڪستان يونٽ دادو پاران اڄ 2 ڏينهن ۾ ميونسپل ڪاميٽي دادو جي اڪائونٽنٽ جاويد راهپوتو ۽ ٻين آفيسرن ايار علي پنهور، آصف شاهاڻي تي ڪرپشن جا الزام هڻي انهن خلاف علامتي بک هڙتال شروع ڪئي جنهن جي اڳواڻي تنظيم جي صدر عبدالستار سولنگي ۽ جنرل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

تنڊوغلام علي پرسان نجي جيل تي ڇاپو، 13 ڇڻا بازياب

پوليس شريمتي ريشم، شريمتي مالو، نارائڻ، نيلو، ڪرمشي ڪولهي ۽ معصوم ٻارن کي بازياب ڪرايو

پوليس بازياب ڪرايل ٻارن کي لاڳاپيل ڪورٽ ۾ پيش ڪيو، آزاد زندگي گذارڻ جي اجازت

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تنڊوغلام علي پرسان ڳوٺ صابن دستي ۾ ايڊيشنل سيشن جج ماٺلي جي حڪم تي تنڊوغلام علي پوليس مبينا نجي جيل تي ڇاپو ڪولهي برادري سان تعلق رکندڙ هڻي شريمتي ريشم، شريمتي مالو، نارائڻ، نيلو، ڪرمشي ڪولهي ۽ معصوم ٻارن سميت 13 ڇڻن کي بازياب ڪرائي ٿائي تي آندو جتي درخواست گذار ڪرمشي ڪولهي صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سجاول ۾ اي سي جي ناانصافي خلاف اسٽاف پاران احتجاج، آفيس اڳيان بک هڙتال

اي سي سجاول جي بدڪلامي ۽ اسٽاف کي مارڪٽ خلاف ملازمن پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي احتجاج ڪيو

اي سي سجاول رضوان عالم شيخ جڏهن کان آيو آهي اسٽاف سان غلط رويو اختيا ڪري ٿو : ملازم

جيستائين هن کي هٽايو نه ويندو تيستائين اسان جي تحريڪ جاري رهندي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي

سجاول(ن س)سجاول ۾اي سي سجاول جي ناانصافي خلاف اسٽاف جو احتجاج، آفيس اڳيان بک هڙتال ڪيس فوري طور هٽائڻ جو مطالبو. اي سي سجاول جي بدڪلامي ۽ اسٽاف کي مارڪٽ خلاف ملازمن پنهنجا ڪم ڪار ڇڏي مختيار ڪار آفيس سجاول اڳيان بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪري اي سي سجاول خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي. ان موقعي تي تهيدار آفتاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول : اي سي خلاف ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

تنڊو غلام علي پرسان بجلي جي 11هزار واٽ جي تارن سان وچڙجي پيرسن پورهيت فوت ٿي ويو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) تنڊو غلام علي پرسان ڳوٺ ڪي ٿي نظاماڻي ۾ بجلي جي 11هزار واٽ جي تارن سان وچڙجي70ورهين جي ڄمارجو پيرسن پورهيت محمد ٿنگوڙي موقعي تي فوت. اطلاع تي پوليس پهچي لاش کڻائي سرڪاري اسپتال مان پوسٽمارٽم ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو وارثن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي جي همدرد يونيورسٽي ۾ شهدادڪوٽ واسي شاگرد جو ڪمري مان لاش هٿ

نوجوان شاگرد جي موت واقعي کي به ڏينهن گذرڻ باوجود به يونيورسٽي انتظاميا معاملي کان غافل رهي

پوليس ۽ همدرد يونيورسٽي انتظاميا پاران معاملي جي حقيقت جاچ ڪرڻ لاءِ ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي

سندس مڙهه کي ايمبولنس ذريعي اباڻي شهر شهدادڪوٽ پهچايو ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر پهنوار) ڪراچي جي همدرد يونيورسٽي ۾ شهدادڪوٽ واسي ڏهين هندو شاگرد 20 سالا نوجوان امن ڪمار پراسرار نموني فوت سندس هاسٽل روم مان به ڏينهن پراڻو لاش هٿ آيو آهي. نوجوان شاگرد جي موت واقعي کي به ڏينهن گذرڻ باوجود به يونيورسٽي انتظاميا معاملي کان غافل رهي منگهو پير پوليس ۽ همدرد يونيورسٽي انتظاميا پاران معاملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

دادو جي اڳوڻي ايم اين اي رفيق جمالي پاران پريس ڪلب جو دورو

5 ڏينهن اڳ بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان لڳل باهه تي صحافي ساٿين سان همدردي جو اظهار

رفيق جمالي پريس ڪلب لاءِ 10 لک روپين جي مالي سائهتا جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪوشش آهي ته هن عوامي اداري کي غريب عوام شهرين جي رسائي لاءِ آسان بڻايون : رفيق جمالي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي اڳوڻي ايم اين اي رفيق احمد جمالي ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل دادو سيد محمد شاهه جو دادو پريس ڪلب جو گڏيل دورو 5 ڏينهن اڳ بجلي جي شارٽ سرڪٽ مان لڳل باهه تي صحافي ساٿين سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو : اڳوڻو ايم اين اي رفيق جمالي ۽ ٻيا پريس ڪلب جو دورو ڪري رهيا آهن

پنوعاقل ۾ بدامني برقرار، پوليس خاموش، رهواسي پريشان، واهر جي اپيل

پنوعاقل(رپورٽر) پنوعاقل ۾ بدامني برقرار. امن جو پڪ اڏامي ويو ظلم جي انتها رات جي اونداهي ۾ نامعلوم چور پنوعاقل وچ شاهي بازار مان مسلم ڪمرشل بينڪ جي لڳ جمعيت علماءِ اسلام سنڌي پنوعاقل جو عهديدار محمد سليمان جسڪاڻي جي ڪيبن جا تالا توڙي رڪيل روڪ رقم ٻاري ڪري آساني سان چور چوري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شڪارپور جي مختلف علائقن ۾ گڏيل سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن

ڪوٽ شاهو ۽ ڳڙهي تيغو جي مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن ڪيو ويو

ڏاڙيلن جي آمد و رفت روڪڻ لاءِ چيڪ پوسٽون قائم ڪرڻ جي منصوبي جو جائزو ورتو ويو

ڏوهارين ۽ ڏاڙيلن جي خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو : پوليس ترجمان

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس ۽ سنڌ رينجرز جو رستم، خانپور ڪچي جي علائقي، ڪوٽ شاهو، ڳڙهي تيغو ۾ امن امان برقرار قائم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا. مختلف علائقن ۾ گڏيل سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن ڪيو ويو. ايس ايس پي شڪارپور ڊاڪٽر محمد عمران خان ۽ ڪرنل رينجرز جي اڳواڻي ۾ رستم سميت خانپور ڪچي جي علائقي ڪوٽ شاهو ۽ ڳڙهي تيغو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل پوليس جي پڪڙ ۾ نه آيا، احتجاج جاري

اڳواڻن پريس ڪلب اڳيان ايس يو جئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 101 ڏينهن به جاري رکيو ويو

101ڏينهن ٿي ويا پر سڪر پوليس شهيد جان محمد جي اصل قاتلن کي سوڳهر ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ناهي ڪئي : اڳواڻ

اسان کي اهڙي صورتحال ۾ صحافين جيڪي خدشا ظاهر ڪيا ويا هئا اهي سچا ثابت ٿيا آهن بااثر قوتون قاتلن جي سرپرستي پيون ڪن

سڪر(بيورورپورٽ) سڪر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل پوليس جي پڪڙ ۾ نه آيا 101 ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري. سڪر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن جي گرفتاري لاءِ سڪر پريس ڪلب اڳيان ايس يو جئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ احتجاجي علامتي بک هڙتال وارو سلسلو 101 ڏينهن به جاري رکي شهيد جي اصل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سڪر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

انسان ذات جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڻ پوکيا وڃن : مالڪ ڏنو ملاح

ڏرڪي(رپورٽر) موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻيلن تي ٿيل قبضا ختم ڪرائي آباد ڪرڻ اشد ضروري آهي. انسان ذات جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڻ پوکيا وڃن ڊي آيف او مالڪ ڏنو ملاح تفصيل موجب هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي عمل ڪندي ٻيلي ڪاٽي جي ڊي آيف او مالڪ ڏنو ملاح آر آيف او شهزاد سروهي، رينجر عبدالڪريم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪوٽ غلام محمد تعلقه سول اسپتال ۾ ڊي سي ميرپورخاص پاران دورو

ڊي سي ميرپورخاص سخت قدم ڪٽڻ سميت ڪرپشن جي خاتمي لاءِ پرعزم

خالي پيل 46 ڊاڪٽرن جي سيٽن تي ميل فيميل ڊاڪٽر ايندا : ڊپٽي ڪمشنر

گذريل 15 سالن کان ڪرپشن جي ورڇهيل سول اسپتال ۾ هاڻ سدارو ايندو

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد تعلقه سول اسپتال ۾ ڊي سي ميرپورخاص جو دورو، گذريل 15 سالن کان يتيم خانو بڻيل سول اسپتال جي ڏٺيائپ لاءِ ڊي سي ميرپورخاص سخت قدم ڪٽڻ سميت ڪرپشن جي خاتمي لاءِ پرعزم غير حاضر ڊاڪٽر اسٽاف خلاف سخت قدم کنيا ويندا هيڏي وڏي تعلقي جي اسپتال ۾ 46 ڊاڪٽرن جون سيٽون خالي پيل آهن تمام افسوس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

اسان عوام کي طاقت جو سرچشمو سمجهيو آهي : قائم علي شاهه

آصف علي زرداري جي بهترين حڪمت عملي سان اسان پهريان کان وڌيڪ سيٽون کڻنداسين

ڪارڪنن کي يقين ٿو ڏياريان ته مان بلاول ڀٽو جي وزيراعظم ٿيڻ تائين انشاءالله جوان رهندس

ڪوٽڙيجي(رپورٽر) ڪوٽڙيجي پرسان سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه جيلاني اڳوڻي ايم اين اي سيده نفيسه شاهه جيلاني حاجي امام بخش پلہ پهچي حاجي ارباب خان پلہ جي عيادت ڪئي ان موقعي تي غير رسمي گفتگو ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شڪارپور ۾ الڪيشن مهم بابت امتياز شيخ پاران مختلف ڳوٺن جا دورا

ڳوٺاڻن امتياز احمد شيخ تي اعتماد جو اظهار ڪندي پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

پ پ پاران پي ايس ست جي مختلف يوسين ۾ ڪوڙ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن : امتياز شيخ

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) الڪشن مهم جي حوالي سان پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ جا مختلف ڳوٺن، خليفو محمد مراد لوڊرو ۾ وڏيرو غلام محمد لوڊرو، ڳوٺ حاجي خان بروهي ۾ گلبهار بروهي، ثناءالله عيساڻي، درويش ڪاڪيرتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

شڪارپور : پ پ اڳواڻ امتياز شيخ گڏجاڻي دوران ويٺل آهي

نوشهرو فيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران اسٽورن ۽ دڪانن تي ڇاپا

دڪاندارن ۽ سبزي وڪرو ڪندڙن وڌيڪ اڳهه وصول ڪندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ وڌو جاري ڪيل ريٽ لسٽ مناسب ۽ نمايان هنڌن تي لڳائن : ڊپٽي ڪمشنر

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهرو فيروز علي شان اڄ شهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اوباڙو پرسان معصوم نينگر غلط انجڪشن لڳڻ سبب فوت

ڊاڪٽر نند لعل پاران غلط انجڪشن لڳڻ سبب معصو گلن جهڙو ٻارڙو فوت ٿي ويو

معصوم قمر عباس رند جي فوت ٿيڻ جو ٻڌي والدا کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا

اوباڙو(رپورٽ غلام علي رند)اوباڙو پرسان ڳوٺ غلام حيدر رند جي رهواسي نثار رند جو معصوم پٽ ٻن سالن جو قمر عباس رند کي ڊاڪٽر نند لعل پاران غلط انجڪشن لڳڻ سبب معصو گلن جهڙو ٻارڙو فوت ٿي ويو. معصوم قمر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهرو فيروز ۾ سنسار پبليڪيشن پاران رعائتي ڪتابي ميلو جاري

ڪتابي ميلي جي ٻئي ڏينهن ميونسپل چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ جو دورو ڪيو

لائبريري لاءِ 15 هزار روپين جا ڪتاب ڏنا ۽ قانون، سي ايس ايس لاءِ پنج لک روپين جي گرانٽ جو اعلان

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)نوشهرو فيروز ۾ سنسار پبليڪيشن پاران سنڌ صحافي اتحاد ۽ سنڌي ادبي سنگت جي سهڪار سان جاري ٿن ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نوشهروفيروز : ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ ميڊيا سان گڏهائي رهيو آهي

ملاح قوم ملڪ جو سرمايو آهن : غلام قادر پلڪيو

مچيءَ ايتري پيداوار آهي جو پنهنجي ملڪ پاڪستان جو قرض لهي سگي ٿو

ملاح ميربحر ۽ مهاڻن کي حڪومت نظر انداز ڪري سندن حق غصب ڪري رهي آهي

دولتپور صفن(رپورٽر)پاڪستان گورنمينٽ کي گهرجي ته سمنڊ ۾ پيدا ٿيندڙ مچي کي اگر ٻاهرين ملڪن ۾ وڪرو ڪيو ته مچيءَ ايتري پيداوار آهي جو پنهنجي ملڪ پاڪستان جو قرض لهي سگي ٿو ملاح قوم ملڪ جو سرمايو آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نئون ڪوٽ ۾ ايس ايچ او پاران ڪوريج لاءِ تاڻي پهتل مقامي صحافين سان بدتميزي

ايس ايچ او صحافين سان بدتميزي ڪرڻ بعد بنا جواز ٻن ڪلاڪن تائين لاڪ اپ ڪري ڇڏيو

اطلاع تي صحافين تاڻي پهچي سخت احتجاج ڪيو، معاملي جو نوٽيس وٺڻ جي گهر

نئون ڪوٽ(رپورٽر)ايس ايچ او نئون ڪوٽ پاران ڪوريج لاءِ تاڻي پهتل مقامي صحافين سان بدتميزي، لاڪ اپ حوالي، صحافين جي سخت احتجاج بعد صحافي آزاد، خبر موجب نئون ڪوٽ جي سينيئر صحافي ملڪ اسلام، مجيد چانڊيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نئون ڪوٽ : صحافي لاڪ اپ اندر ويٺل آهن

سرحد ۾ دوڪان تان ٻن لکن جي چوري ڪندڙ چور گرفتار نه ٿي سگهيا

ڏوهارين جا سي سي ٽي وي فوٽيجز ملڻ باوجود پوليس ڪڪ پڇي پيٽو نه ڪيو

شهرين ۾ ڳڻتي چانيل، دوڪان مالڪ پاران جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

سرحد (رپورٽرغلام عباس مهر)سرحد ۾ دوڪان تان ٻن لکن جي چوري ڪندڙ چور گرفتار نه ٿي سگهيا. ڏوهارين جا سي سي ٽي وي فوٽيجز ملڻ باوجود پوليس ڪڪ پڇي پيٽو نه ڪيو. شهرين ۾ ڳڻتي چانيل، دوڪان مالڪ پاران جوابدارن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

چونڊن جو اعلان ٿيڻ سان ديسي پڪي ووٽرن ڏانهن وري رهيا آهن : انيل پٽي

جيڪڏهن ملڪ ۾ عوامي حڪومت آئي ته ملڪ سڌي ٽريڪ تي حلي سگهي ٿو

عوام ڪرپٽ سياسدانن مان بيزار ٿي ويو آهي، چونڊن ۾ عوام ڪين رد ڪري ڇڏيندو

سڪر(رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌ ۾ 15 سال حڪومت ڪندڙ پارٽي سنڌ کي صرف ڪرپشن جي بازار ڪانسواءِ ڪجه ناهي ڏئي سگهي. جيڪڏهن ملڪ ۾ عوامي حڪومت آئي ته ملڪ سڌي ٽريڪ تي حلي سگهي ٿو.سياسي سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سنڌ جي وحدت تي وار ڪڏهن به برداشت نه ڪندس : قادر بخش ڪلمتي

قومن جي ترقي بهترين تعليم ۽ مضبوط معيشت تي انحصار ڪري ٿي

اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ روزگار جي سڀيا ۽ تعليم جي بهتري اولين ترجيح هوندي

ڪراچي(رپورٽ باغي ساگر)قومن جي ترقي بهترين تعليم ۽ مضبوط معيشت تي انحصار ڪري ٿي. اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي ماڻهن کي روزگار جي سڀيا ۽ تعليم جي بهتري اولين ترجيح هوندي. نواز ليگ جي دور حڪومت ۾ ڏاڙيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي : گڏجاڻي دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

دادو ۾ دنيا ۾ ماهيگيرن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو، برادري جو وڏو ڪٺ

اڄ اسان کي سڪندر ملاح، عارب ملاح، شفيع محمد جاموٽ، هاشر ملاح جهڙن ماڻهن جون ڪيل خدمتون ياد اچي رهيون آهن : ڊاڪٽر سائين رڪيو ميراڻي

هي فورم سياسي نه آهي ۽ سماجي فورم آهي ۽ مظلوم ماڻهن جو سات ڏيندڙ فورم آهي، خوشي آهي ته اسان جي ڪٽب ۽ ٽبيلي ۾ وڏي سڃاڻي پيدا ٿي آهي

اسان فورم جي پليٽ فارم تان سنڌ ۾ رهندڙ سمورين برادرين سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اتحاد ۽ ٻڌي وقت جي اهم ضرورت آهي اسان کي تعليم عام ڪرڻي پوندي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)دادو ۾ دنيا ۾ ماهيگيرن جي عالمي ڏينهن 21 نومبر تي سنڌ ملاح فورم جي سڏ تي ميربحر، ملاح، ميراڻين جو وڏو ڪٺ سڏايو ويو جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، سنڌ ملاح فورم جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گلشن معمار معمار غني آباد ۾ بگٽي برادري جو چڱو بابو نور الله بگٽي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي(رپورٽر) گلشن معمار معمار غني آباد ۾ بگٽي برادري جو چڱو مڙس سماجي رهنما اهلشيعت اڳواڻ بابو نور الله بگٽي دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو. برادري سميت سياسي سماجي مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ صحافين جنازي نماز ۾ شرڪت، جنازي نماز ڪان پوءِ سندس مڙهه کي وادي حسين قبرستان ۾ سوين آلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو : ملاحن جي عالمي ڏاهاڙي بابت ڪوٽايل تقريب جو ڏيک

نوشهروفيروز ۾ پرسان ڳوٺ نثر ڏيتا جي رهواسڻ پاران احتجاج

مڙس جي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ ڏير ملڪيت مٿان قبضو ڪري ويهي رهيا آهن : خان زادي

ڏيرن جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪندس

نوشهروفيروز(ن س)ڳوٺ نثر ڏيتا جي رهواسڻ مسمات خان زادي ڏيتو پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ ڏاهنديءَ جيو آهي ته سندس مڙس شير علي ڏيتوجي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ، سندس ڏير ملڪيت مٿان قبضو ڪري ويهي رهيا آهن هن چيو ته منهنجي مڙس تازو سارين جو فضل پاڻ پوڪرايو هو جيڪو منهنجو ڏير داؤد ڏيتو هاري عبدالغني ڪوڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شڪارپور ۾ ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ ۽ ڊي سي جي هدايتن تي گاڏين خلاف ڪارروايون

ڪامورن زيرو پوائنٽ وٽ مسافروين ۽ ٻي ٽرانسپورٽ واري گاڏين خلاف ڪارروايون ڪري ڏنڊ لڳائي ڇڏيا

سکر، ڪنڊڪوٽ ۽ ٻين شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ مسافروين ۽ ٻين گاڏين جا روٽ پرمٽ چيڪ ڪيا آهن : عملدار

مسافروين مٿانهن جنگلا ۽ سي اين جي سلينڊر لڳائيندڙ گاڏين خلاف ڪارروايون ڪيون پيا، سلينڊر لهرائي ختم ڪري ڇڏيا آهن

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ ۽ ڊي سي شڪارپور جي هدايتن تي آر ٽي سيڪريٽري وسيم ميمڻ ۽ موٽروي پوليس انسپيڪٽر جنيد شيخ زيرو پوائنٽ وٽ مسافروين ۽ ٻي ٽرانسپورٽ واري گاڏين خلاف ڪارروايون ڪري مٿس ڏنڊ لڳائي ڇڏيا آهن آر ٽي سيڪريٽري وسيم احمد ميمڻ ۽ انسپيڪٽر موٽروي پوليس جنيد احمد شيخ جو چوڻ هو ته سکر، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي يونين آف جرنلسٽس ورڪرز جي اڳوڻي ميمبر قومي اسمبلي مزمل قريشي سان ملاقات، مبارڪباد

ڪراچي(رپورٽر)ڪراچي يونين آف جرنلسٽس ورڪرز جي اڳوڻي ميمبر قومي اسمبلي مزمل قريشي سان ملاقات مبارڪباد. ڪي يو جي ورڪرز جي صدر فواد محمود، سينئر نائب صدر علي سرور، سينيئر صحافي انيس منصوري، آصف عباس، فراز احمد ۽ ٻين ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳوڻي اڳواڻ مزمل قريشي جو پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شڪارپور : عملدار گاڏين خلاف ڪارروائي ڪري رهيا آهن

سڪر ۾ احتجاج کي 50 ڏينهن تي ويا پر پر مغوين جي بازيابي نه ٿي سگهي

رات ڏينهن جاري رڪيل احتجاج ۾ مغوين جي بازيابي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي

اسان جي احتجاج جو نوٽيس وٺي مغوين کي بازياب ڪرائي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي : مظاهرين

اسان جي مستقل ڏينهن رات واري جدوجهد کي 78 هون ڏينهن آهي پر نگران سنڌ حڪومت بلڪل خاموش تماشائي بڻيل آهي

سڪر(بيروروپورٽ)سڪر ۾ احتجاج کي 50 ڏينهن ٿي ويا پر پر مغوين جي بازيابي لاءِ ڊي آئي جي، ۽ ضلعن جي ايس ايس پيز سميت ڪنهن به سرڪاري نمائندي رابطو نه. انساني حقن جي تنظيمن کي به احتجاج نظر نه آيو سڪر ۾ پريا ڪماري رهائي ڪميٽي پاران معصوم نيائي پريا ڪماري، علي اصغر منگريو، اسلام الدين سومرو .علي حسن ميمڻ سميت سنڌ مان اغوا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين جو واحد فٽبال گرائونڊ به ڪرپشن جو شڪار ٿي ويو، اختياريون خاموش

گٽرن جو پاڻي به فٽبال گرائونڊ ۾ جمع ٿيڻ جي ڪري گرائونڊ گندي پاڻي جو تلاءِ جي شڪل اختيار ڪري ويو

شهر جا فٽبال جا راندگر فٽبال راند کان محروم ٿي ويا، درخواستن باوجود لاڳاپيل اختيارين ڪجهه نه ڪيو

ڪرپشن جي ڄاڻ ڪرائي هن ۾ ملوث ڪامورن ۽ ٺيڪيدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : ساجاهه وند

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ)بدين جو واحد فٽبال گرائونڊ به ڪرپشن جو شڪار ٿي ويو. تفصيل موجب بدين شهر ۾ واحد فٽبال گرائونڈ روزانو بدين جانوجوان فٽبال جا ڪلاڻي پريڪٽس ڪندا آهن ۽ هر سال ضلعي ۽ صوبائي سطح تي فٽبال جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو ۾ اسپيئر پارٽس جي دڪان پٺيان رهندڙ نوجوان جو اڻڄاتل ماڻهو ڳلو ڪٽي فرار ٿي ويا

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ آلڪاڻي گهٽي سيوهڻ روڊ ٽريڪٽرن جي اسپيئر پارٽس جي دڪان پٺيان رهندڙ نوجوان اسلم پٽ علي اصغر سولنگي کي اڻڄاتل ماڻهن ڳلو ڪٽي فرار ٿي ويا. زخمي نوجوان کي سول اسپتال دادو آندو ويو جتي ڪيس طبي امداد ڏني وئي ۽ بعد ۾ سيوهڻ اسپتال علاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين : انتظاميه جي نااهلي سبب بيٽل پاڻي نڪراچي رهيو آهي

فقير آباد: درگاهه چٽن شاهه بخاري جي متولي جي قتل کي 11 ڏينهن گذرڻ باوجود به قاتل گرفتار نه ٿيا

اسان جي اڳ ۾ به هنن جوابدارن اسان جي پڦي کي قتل ڪيو هو، پوليس گرفتاري عمل نه آڻي سگهي هئي : مظاهرين

پوليس مک جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي اسان کي جوابدار موتمار مار ڌمڪيون ڏين ٿا

معاملي جو نوٽيس وٺي جلد کان جلد جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

فقير آباد(رپورٽر)فقير آباد: درگاهه چٽن شاهه بخاري جي متولي سليم شيخ جي قتل کي 11 ڏينهن گذرڻ باوجود به قاتل گرفتار نه ٿيا وارثن جو احتجاجي مظاهرو وارثن پاران پريس. ڪلب فقير آباد جي اڳيان جوابدارن جون هٿ ۾ تصويرون کڻي انوکر احتجاج يارهن ڏينهن گذرڻ جي باوجود به پوليس مک جوابدارن کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي اسان کي جوابدار موتمار مار ڌمڪيون ڏين ٿا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسلام ڪوٽ جي اسپتال ۾ ماهر ڊاڪٽرن جي هفتيوار مفت ڪلينڪس جي شروعات

پهرين ڏهاڙي تي ماهر ڊاڪٽرن 140 کان وڌيڪ مريضن جي چڪاس ڪري ڪين مفت دوائون ڏنيون

ڪنسلٽنٽ ڪلينڪس مان ريفر ٿيل مريضن جي اندس اسپتال بدين ۾ مفت سرجري پڻ ڪئي ويندي : ڊاڪٽر

ڪنسلٽنٽ ڪلينڪن جي شروعات ڪرڻ جو مقصد مقامي ماڻهن کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) ٽر فائونڊيشن طرفان صحت جي شعبي ۾ اهم اڳپڇاڻيون جاري آهن، جنهن تحت ٽر فائونڊيشن اسپتال اسلام ڪوٽ ۾ مقامي ماڻهن جي بهتر علاج لاءِ ماهر ڊاڪٽرن تي ٻڌل ڪنسلٽنٽ ڪلينڪن جي شروعات ڪئي وئي آهي. ڪنسلٽنٽ ڪلينڪس ۾ اندس اسپتال ڪراچي ۽ بدين مان ماهر ڊاڪٽر هفتيوار مريضن جو مفت چيڪ اپ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

اسلام ڪوٽ : مفت ڪلينڪ تي ڊاڪٽرائي مريضن جي چڪاس ڪري رهي آهي

اجائي واويلا ڪري اداري جي ساک کي نقصان پهچايو پيو وڃي : هيڊ ماسٽرياڻي ياسمين

ٺٽو(رپورٽر) گورنمنٽ گرلس هاءِ اسڪول مڪلي جي هيڊ ماسٽرياڻي ميڊم ياسمين صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سماجي تنظيم يونيسيف ۽ تي آر ڊي پي پاران اسڪولي ٻارڙن لاءِ ڏنل ايم ايچ ايم ڪٽ وارو سامان سماجي تنظيم جي ذميوارن سميت سندن موجودگي ۾ اسڪول جي سمورين نياڻين کي مهيا ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سجاول ۾ 21 نومبر ملاحن جي عالمي ڏاهاڙي جي موقعي تي ثقافتي تقريب

اڳوڻي ايم پي اي حاجي تاج محمد ملاح، منور ملاح، پروفيسر عبدالله ملاح، ضلعي صدر ناٿو ملاح ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ اجرڪ پٽڪا ۽ ٽوپيون اوڍي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سميت سنڌي قومي گيتن تي رقص

ملاح سنڌ جا اصل وارث آهن پر هميشه ڪين بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي : اڳواڻ

غلام الله(رپورٽر)سجاول ۾ 21 نومبر ملاحن جي عالمي ڏاهاڙي جي موقعي تي اميرالبحر تنظيم پاران ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي . تقريب ۾ سجاول ضلعي سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي . تقريب ۾ سنڌي لباس اجرڪ پٽڪا ۽ ٽوپيون اوڍي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سميت سنڌي قومي گيتن تي رقص ڪ

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

خميس 23 نومبر 2023ع

ارڙهين آئيني ترميم ۽ آمريت جي رستي روڪ

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته هر 'بادشاهه' جو پهريون قانون پنهنجي حفاظت ڪرڻ هوندو آهي ۽ ان ئي اصول تي عمل ڪندي هن ملڪ ۾ اقتدار تي قبضو ڪندڙ آمرن 1973ع واري آئين ۾ پنهنجين من پسند ترميمن جون ڇتيون هڻي ان جي صورت ئي مسخ ڪري ڇڏي. پارلياني طرز جو آئين صدارتي حڪمرانيءَ واري آئين ۾ بدلجي ويو ۽ اهڙي ريت ان آئين جي صورت "ڏڙ ريڏو- سِسي ٻاڪري" واري بڻجي وئي. جنهن بعد اهو ڪريڊٽ پيپلز پارٽي جي حڪومت کي وڃي ٿو، جنهن 2010ع ۾ آئين ۾ ارڙهين ترميم منظور ڪرائي ان آئين کي ڪنهن حد تائين اصلوڪي صورت ۾ بحال ڪيو پر ان ترميم ڪانپوءِ لڳاتار انهيءَ کي رول بيڪ يا ختم ڪرڻ جون ڪوششون ٿيندڙ رهيون آهن. اها ئي ترميم آهي جيڪا هر آمر جي طالع آزمائي کي روڪي ٿي. اهڙين ئي ڪوششن جو تسلسل هن وقت پڻ نظر پيو اچي. نگران وزيراعظم ان ترميم جي خلاف ۽ صدارتي نظام جي حق ۾ ڳالهائي چڪو آهي ۽ هاڻي ته پاڻ کي جمهوريت جا چئمپيئن سڏائيندڙ ۽ ووٽ کي عزت ڏيڻ وارا نعرا هڻندڙ به ارڙهين آئيني ترميم خلاف اهڙي ڪرت ۾ لڳي ويا آهن. ميڊيا تي رپورٽ ٿيل خبرن موجب، نواز ليگ ارڙهين آئيني ترميم جي تبديلي تي غور ڪري رهي آهي. پارٽي جي منشور ڪاميٽي کي پڻ ان سلسلي ۾ گهڻيون تجويزون ڏنيون ويون آهن. ان ڪانسواءِ وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مالي وسيلن جي ورڇ جي طريقيڪار کي نئين صورت ڏيڻ جي تجويز پڻ شامل آهي. مسلم ليگ (ن) جي ترجمان مريم اورنگزيب پارٽي اجلاس ۾ ارڙهين ترميم ۾ تبديلي جي تجويز بابت خبرن جي تردید ڪري چڏي آهي ۽ چيو آهي ته مسلم ليگ (ن) جي پارٽي اجلاس ۾ ارڙهين آئيني ترميم ۾ تبديلي جي ڪنهن به تجويز تي غور نه ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي ڪا ڳالهه ٿي آهي.

1973ع واري آئين جي ترميمن ذريعي صورت مسخ ڪرڻ ڪانپوءِ اهو آئين صدارتي طرز حڪمراني وارو آئين بڻجي ويو هو ۽ ان جي پارلياماني جمهوري روح کي ختم ڪيو ويو هو. صدر کي چونڊيل حڪومت برطرف ڪرڻ جا اختيار حاصل هئا ۽ ڪيترائي پيرا اهو اختيار استعمال ڪندي چونڊيل حڪومتن کي برطرف ڪيو ويو هو پر ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ انهن آمرانن اختيارن مان نجات ملي پر ان ترميم خلاف سازشن جو انت اچي نه سگهيو آهي. توڙي جو ان ترميم تحت ڪيترائي ڪاتا صوبن کي منتقل ڪيا ويا پر پوءِ به وفاق اُرهه زوراني ڪندي تعليم، صحت سميت ڪيترن ئي ڪاتن جا متبادل بڻائي پاڻ ووٽ رکيا، جنهنڪري هڪ ته خرچ وڌي ويو ۽ پيو صوبن جي اختيارن ۾ به مداخلت ٿيڻ لڳي. ارڙهين آئيني ترميم سان توڙي جو صوبن کي مڪمل صوبائي خودمختياري ته ڪانه ملي پر وري به ڪنهن حد تائين ڪجهه اختيار منتقل ٿيا، جن کي به ڪجهه قوتون برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. عمران خان جي دور ۾ به ارڙهين ترميم خلاف سازشون ٿيندڙ رهيون پر عمران خان ووٽ به پاڳي تي اڪثريت ڪانه هئي، جنهنڪري هو اها ترميم ختم ڪري نه سگهيو ۽ هاڻي مسلم ليگ (ن) جي حوالي سان پڻ اهڙيون خبرون آهن ته انهن ارڙهين ترميم جي خاتمي ۽ صوبن ۾ مالي وسيلن جي ورڇ جي طريقيڪار کي نئين صورت ڏيڻ تي پڻ ويچارڻ شروع ڪيو آهي. توڙي جو مسلم ليگ (ن) طرفان ترديدن جا طوفان برپا ڪيا ويا آهن پر ميان نواز شريف کي رستو صاف ڪري ڏيڻ مان لڳي ٿو ته ڪجهه قوتون ڪانئس ڪو "اهم" ڪم وٺڻ چاهين ٿيون. ميان نواز شريف کي ياد رکڻ گهرجي ته سندس طاقت عوام ۽ ملڪ جو آئين آهي، جنهن کي ڪمزور ڪرڻ جو مطلب جمهوريت کي ڪمزور ڪرڻ آهي.

اسان کي اها خبر ناهي ته ميان نواز شريف کي به پاڳي تي اڪثريت ڏيارڻ جي واعدي سان آندو پيو وڃي ۽ ان جو نشانو ارڙهين آئيني ترميم هوندي. اسان سمجهون ٿا ته مسلم ليگ (ن) هڪ سياسي پارٽي آهي ۽ اميد ٿا ڪريون ته اها اهڙي ڪنهن ڪم ۾ استعمال نه ٿيندي. ميان نواز شريف کي پڻ اها ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ارڙهين ترميم کي رول بيڪ ڪرڻ وارين ڪوششن جو هي ملڪ متحمل نٿو ٿي سگهي ۽ اهڙي ڪنهن به قسم جي ڪاب ڪوشش ملڪ جي سلامتي جي قيمت تي هوندي.

اڳيان موت جو راڪاس پٽيان آسمان کان قهر جي برسات ۽ زمين قبرستان

طفيل مگسي

